كليات آڏواڻي

# شاهه جو رسالو

Gul Hayat Institute

روشني

# شاھ جو رسالو



Gul Hayat Institute

# شاهه جو رسالو

- مڪمل -

ڪلياڻ آڏواڻي

Gul Hayat Institute

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو

# "شاھہ جو رسالو"


مرتب: ڪلياڻ آڏواڻي

[حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ]

پنجون ايڊيشن © جون 1993ع

ڪمپوزنگ: (راڻو ميگھواڙ، حسين سومرو ) سنڌ ٽيڪ ڪمپيوٽرز حيدرآباد. سنڌ.

ڇپيندڙ: سهيل آرٽ پريس، ڪراچي.

ڇپائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ.

ٽائيٽل ڊزائين

عبدالرسول عباسي


Gul Hayat Institute

SHAH JO RISALO

{POETRY COLLECTION OF SHAH ABDUL LATIF BHATAI}


Compiled and Edited by

Kalyan Adwani

Composed by Sindh Tech Computers, Hyderabad.

Printed Suhel Art Press, Karachi.

Published by Roshni Publication, Kandiaro, Sindh.

Fifth Edition ©June 1993

# شاهہ جي حياتيءَ جو احوال - سالن ۾ ۽ سنڌن وقت ۾ ٿيندڙ خاص واقعا

هتي ڏنل ڪي سن لکيل تاريخن مان ورتا ويا آهن ۽ ڀيا اندازي موجب ڏنا ويا آهن. شاهہ صاحب جن جي حياتي ۽ سنڌن وقت جي سياسي ۽ سماجي حالتن جو اڀياس ڪري، اهو سڀ سنڌن عقيدت ۽ محبت ۾ ڪيو ويو آهي، جيئن سنڌن زندگيءَ جو ڀرپور احوال حاصل ٿي سگهي، جيڪو لکيل تاريخن موجب تمام گهٽ آهي. سنڌن جنم ۽ وفات جون تاريخون ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جي ڏنل شاهہ جي احوال تان ورتيون ويون آهن، جيڪو صاحب ٻين سڀني شاهہ جي تاريخدانن کان ٣٠ سال اڳ ۾ جو هو ۽ سنڌن عرصي کي ويجهي ۾ ويجهو هو. هو ذاتي طرح وڏو محقق هو ۽ شاهہ صاحب جي آفاقي شاعريءَ جو معتقد پڻ. جنهن پهريون ڀيرو سنڌي ٻوليءَ ۾، ليپزگ جرمنيءَ مان شاهہ جو رسالو سن ١٨٦٦ع ۾ ڇپائي دنيا تي پڌرو ڪيو.
(عبدالغفور الستي)

| عيسوي سن | شاهہ جي حياتي جو احوال | سنڌن وقت ۾ ٿيندڙ خاص واقعا | ان وقت سنڌن عمر سالن ۾ |
|---|---|---|---|
| ١٦٧٨ع | شاهہ جو پهريون جنم (هالا حويلي ۾). پاڻ جلدي جهان ڇڏي ويو. | نوٽ: ان وقت هندستان ۾ مغلن جي حڪومت هئي. اورنگزيب پنهنجي پيءُ شاهہ جهان کي قيد ڪري، وڏي ڀاءُ دارا شڪوهہ کي ماري، ١٧٥٨ع کان دهليءَ جي تخت تي ويٺو هو. هن اسلام جو غلط استعمال ڪري هزارين پنهنجا سياسي مخالف، اسلام جي نالي ۾ قتل ڪرايا. هو خاص طور صوفين، ويدانيتن، فنڪارن ۽ راڳيندڙن جو دشمن هو. اهي ماڻهن ۾ سچ جي جوت جڳائيندڙ هئا، جيڪا ڳالهہ سندس ذاتي اقتدار لاءِ خطرناڪ هئي. | |
| ١٦٨٠ع | شاهہ جو ٻيو جنم (هالا حويلي ۾). پاڻ ٦٧ ورهيہ حياتي رهيا. | | |
| ١٦٨٥ع | سنڌن والد صاحب، سيد حبيب شاهہ لڏي اچي ڪوٽڙيءَ ويٺا، سنڌن ٻن پٽن هر هڪ جمال شاهہ ۽ عبداللطيف کي، آخوند نور محمد ڀٽيءَ جي مشهور مڪتب ۾ تعليم ڏيارڻ جي خيال کان، جيڪو ڪوٽڙيءَ کي ويجهو هو. | | ٥ |

Gul Hayat Institute

| عيسوي سن | شاهہ جي حياتي جو احوال | سنڌ وقت ۾ ٿيندڙ خاص واقعا | ان وقت سندن عمر سالن ۾ |
| --- | --- | --- | --- |
| ١٦٨٥ع کان ١٦٩٠ع تائين | وائي ڳوٺ ۾ آخوند نور محمد ڀٽيءَ جي مڪتب ۾ ديني تعليم. | مرڻ مهل هن پنهنجا اهي ظلم ميجيا ۽. سندس آخري لفظن ۾ "منهنجا سال سڀ نڪمٽا ويا آهن. خدا | ٦ - ١٠ |
| ١٦٩١ع کان ١٧٠٠ع تائين | عبداللطيف شاهہ جي علمي شوق ۽ روحاني طبيعت جي ڪري کيس تصوف ۽ ويدانيت جي وڌيڪ تعليم. (حبيب شاهہ پاڻ صوفي هو. سندس هن پٽ جو جنم هڪ الله واري جوڳي جي دعا ۽ اڳڪٿي کان ٿيو هو. ان ڳالهہ کي هن هڪ خدائي ڳجهہ ڄاڻي، ان کي اها الاهيت جي تعليم ڏياري، جنهن ڏانهن نندي هوندي کان هن جو لاڙو هو. ٿي سگهي ٿو ته شاهہ صاحب کي ٺٽي جي ڪنهن درسگاهہ ۾ بہ تصوف پڙهڻ لاءِ ويهاريو ويو هجي. پر بدين جي هڪ جڳ مشهور وشو وديالي ۾ کيس ويدانيت سکڻ لاءِ ويهاريو ويو هو. اها ڳالهہ تاريخ ۾ آهي.) | منهنجي دل ۾ هو، تنهن هوندي بہ منهنجي انڌ سان ڍڪيل اکين، منهنجي اندر ۾ سندس اها جوت نہ سڃاتي. آئينده جي اميد وقتائتي آهي ۽ بهتري لمحو وري واپس ڪونہ ٿو اچي. آءُ ڪجهہ بہ پاڻ سان دنيا ۾ ڪٽي ڪونہ آيو هئس، پر هتان گناهن جا وڏا بار پاڻ سان ڪٽي پيو وڃان." شاهہ جي ڄمڻ وقت دهليءَ جي تخت طرفان سنڌ جو گورنر نواب خانزاد خان هو. | ١١ - ٢٠ |
| ١٧٠١ع کان ١٧٠٦ع تائين | هن عرصي ۾ شاهہ ڪوٽڙيءَ ۾ پنهنجي ڪٽنب سان گڏ رهيل ٿو ڏسجي. مطالع ۽ رياضت ۾ مشغول يا مريدن جي ڪم ڪار ۾ مدد ڪندي. ڀاڻس جمال شاهہ شايد شادي ڪري چڪو آهي، پر هن آجان نہ ڪئي آهي. هن جي دل تي نندي هوندي کان پنهنجي نندپڻ جي والد جي ساٿي | يار محمد ڪلهوڙو سنڌ جو مٿيون حصو سبيءَ کان سيوهڻ تائين، مغلن جي ملتاني گورنر کي شڪست ڏيئي پنهنجي قبضي ۾ ڪري چڪو هو. دهليءَ جي تخت، لاچار ٿي کيس ڀکر جو گورنر مقرر ڪيو. (ڪلهوڙا اصل ۾ سنڌي هئا. سندن هڪ ڏاڏو چام چنو نالي هو، جنهن | ٢١ - ٢٦ |

Gul Hayat Institute

| عيسوي سن | شاهه جي حياتي جو احوال | سندن وقت ۾ ٿيندڙ خاص واقعا | ان وقت سندن عمر سالن ۾ |
|---|---|---|---|
| | مهيسي جوڳين سان ڪنيات ڏانهن نڪري ويڃڻ. ساندهه ٽي سال انهن جي ٽولي سان گڏ هندستان جي سيني وڏين تيرٿن جي جاين تي وڃڻ ۽ ڪانئن جوڳ وديا پرائڻ. (جوڳ وديا معنيٰ خدا سان ميلاپ پائڻ جو علم. ان موجب ميلاپ ٽن رستن سان ٿئي ٿو. (١) ڌيان ۽ گيان سان، (٢) ڪرم يا خلق جي خدمت سان، (٣) ڀڳتي يا محبت جي راڳ رستي.) | ڪيائين ته سندس ڀائيٽي فرخ سيار کيس قتل ڪيو ۽ پاڻ تخت جو مالڪ ٿي ويٺو. هيستائين ٺٽي ۾ خانزاد خان کان پوءِ ١٣ گورنر بدلجي چڪا هئا. پر بکر ۾ اچان يار محمد ڪلهوڙو، مغلن جو گورنر هو. هو هاڻي گهڻو خودمختيار ٿي چڪو هو، فقط دهلي تخت جي ڏل ڀريندڙ هو. سندس رهائش جو هنڌ خدا آباد هو. | |
| ١٧١٣ع | ٽن سالن جي ياترا کان پوءِ پنت جو هڪيئي ڪانڌ موڪلائي گهرن ڏانهن ويڃڻ. شاهه جو ٻه وطن ورڻ ۽ ٺٽي کان ٿيندو ڳوٺ اچڻ. (ٺٽي ۾ سندن دل جو دوست مخدوم ميون ٺارو رهندو هو. جوڳين سان شاهه جو واپس ورڻ هنگلاج جي طرف کان ٿيو هو، سندن ڳوٺ اچڻ جو مقصد هاڻي مجازي محبت کان وڌيڪ حقيقي محبت هو. شاهه انهن جوڳين سان ٽي سال رهڻ کان پوءِ، خدا جي محبت جي رنگ ۾ رنگجي چڪو هو. اهي مهيسي جوڳي خدا سان ميلاپ وارا رستا، اهي ٽي مٿيان ڏسيندا هئا، پر انهن جو پنت، پرشوتم تائين پهچڻ لاءِ پرش جي پريم ۽ شيوا جو وڌيڪ پرچارڪ هو. معنيٰ خدا تائين | هن سال مرزا مغل جي گهر ڪي ٻه ڌاڙو لڳو. هُو ۽ گهڻا سندس خاندان جا مرد، ڌاڙيلن هٿان مارجي ويا. (شاهه ان وقت ڳوٺ ۾ هو. جڏهن مرزا، ڌاڙيلن جو پيڇو ڪندي اتان مٿيا، شاهه انهن ڪي پنهنجي مريدن سميت مدد جي آڇ ڪئي، جنهن تان مغل بيگ کيس بدشد ڳالهايو. چون تا ته مغل بيگ ۽ ٻين مردن جو موت شاهه جي ان دل آزاريءَ جي ڪري ٿيو. ان کان پوءِ مرزائن جي زالن اچي سيدن جي در تي آهه زاري ڪئي. سندن مردن جي اهڙي خطا تي ڪانئن معافي ورتي ۽ سيده بيگم جو سڱ ٻه آچيائون.) | ٣٣ |

Gul Hayat Institute

| ان وقت سندن عمر سالن ۾ | سندن وقت ۾ ٿيندڙ خاص واقعا | شاهہ جي حياتي جو احوال | عيسوي سن |
| --- | --- | --- | --- |
| | | پهچڻ لاءِ انسان جي محبت ۽ خدمت کي وڏيڪ درجو ڏيندو هو. شاهہ اهو علم پرائي هاڻي پنهنجن ئي هم وطنين مان اها سچي انسان ذات جي خدمت گذاريءَ جو مقصد کڻي ٻوٽ آيو هو. | |
| ٣٥ | | شاهہ جي سيده بيگم سان شادي. | ١٧١٥ع |
| ٣٦ | هي سال ان ڪري اهم آهي جو ان سال شاهہ عنايت صوفي فقير وٽ، جهوڪ ۾ وڏيرن جي پيڙهيل ۽ سيدن پيرن جا ستايل غريب ماڻهو تمام گهڻا گڏ ٿي رهيا هئا. هن جي صوفي تعليم اها هئي تہ خدا سيني ۾ موجود هو، تنهن ڪري سڀ انسان برابر آهن. هي سڄو جهان خدا جو آهي، تنهن ڪري سڀ انسان ان جا برابر ڀاڱي ڀائيوار آهن. اها روحاني سوشلزم هئي، جيڪا پهريون دفعو عملي طرح دنيا ۾ ڏني پئي ويئي. ان تان سيد پير وڏيرا ڪاوڙجي آٿيا. مغلن جا ڪن پريائون ۽ ٻي سال سندن شهادت جو واقعو آندائون. | شاهہ جو پنهنجي عيال سان شاهہ ڪريم بلڙي، پنهنجي مائٽن ڏي وڃڻ. (شادي کان پوءِ مائٽن ۾ دعوتن جو سلسلو شروع ٿيندو آهي. ان ڪري ضرور اتي پنهنجي عيال سان ويو هوندو. اتي هن شاهہ عنايت صوفي فقير وٽ بہ حاضري ڀري هوندي، ان جي صحبت ۾ ويٺو هوندو، ڇاڪاڻ تہ شاهہ پاڻ انهيءَ صوفي مت جو هو. جا شاهہ عنايت جي هئي. جيتوڻيڪ ٻيا سيد پير ان مت جي خلاف هئا. هتي شاهہ وطن جي محبت، سُر مارئيءَ جو بہ مطالعو ڪيو هوندو.) ان وقت مارئيءَ جو داستان سنڌ ۾ فقير عام ڳائيندا هئا. | ١٧١٦ع |
| ٣٧ | شاهہ عنايت کي دوکي سان ٺٽي ۾ شهيد ڪيو ويو. مغل بادشاهہ فرخ سيار جي حڪم تي ائين ڪيو ويو. پر يار محمد ڪلهوڙو ٺٽي جي مغل | (شاهہ عنايت جي شهادت وقت شاهہ ڪوٽڙيءَ ۾ هو. شهادت جو هن کي تمام سخت صدمو پهتو. جهوڪ جا فقير هاڻي هن وٽ اچڻ لڳا. ڇاڪاڻ | ١٧١٧ع |

| عيسوي سن | شاهہ جي حياتي جو احوال | سنڌ وقت ۾ ٿيندڙ خاص واقعا | ان وقت سندن عمر سالن ۾ |
|---|---|---|---|
| | تہ سيني سيدن پيرن ۾ هي ئي اڪيلو هو، جو شاهہ عنايت جو حمايتي هو. هن پين فقيرن ڪان پنهنجي "مارئي" کي ورتو. انهيءَ مظلوم وينگس کي هاڻي هن وڏيڪ زنجير پارايا ۽ وڏي سوز ۽ فراق سان ان کي ڳائڻ لڳو. ماڻهو سندن بيت ۽ وايون ٻڌي حيران ٿي ويا. اهڙو درد جو داستان مارئي جو هن ڪڏهن ڪونہ ٻڌو هو، جيڪي سندن دلين کي وطن جي پُڪار جو پتو ڏيئي ٿي ويو. فقير اهو داستان ڪٺي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي ويا. سنڌي زالون مُنهن مٿو پِٽي رستن تي نڪري آيون. هي سندن دل جي پُڪار هئي. غلام سنڌ ۾ هن ئي گهٽو سَنو هو. هو رستن تي بيهي وار کولي، زنجيرون پائي، مارئي جيان اوسارون ڪرڻ لڳيون. سنڌ ۾ جٿي ڪٿي باهہ ٻري وئي. هندو مسلمان سڀ ويچا وساري پنهنجي وطن لاءِ هڪ ٿي ويا. فرخ سيار ان سال ئي مري ويو. يار محمد ڪلهوڙو، سنڌين جي ڏپ ڪان دهلجي ٻئي سال مري ويو. نور محمد ڪلهوڙي ۽ سندس پٽ ڏوڙي اچي شاهہ صاحب ڪان معافي ورتي. ان سال ڪان شاهہ جي زندگي جي عملي جدوجهد شروع ٿي، جنهن ۾ نيت هن وطن کي آزاد | گورنر نواب اعظم جي مدد لاءِ پنهنجو سنڌي لشڪر بہ وٺي آيو، جنهن ڳالهہ سنڌين ۾ ڪلهوڙن خلاف وڏو تاءُ پيدا ڪيو. فرخ سيار انهيءَ تي ساڳي سال شاهہ جي بددعا ۽ فقيرن جي پاراتن سان سندس شاهي محل ۾ قتل ٿي ويو. انهيءَ سال ڪان مغل حڪومت جو هندستان ۾ زوال شروع ٿيو. جيڪو ١٧٥٠ع ۾ احمد شاهہ جو تخت چڙي پڇڻ سان وڃي پڄاڻيءَ کي پهتو. | |

Gul Hayat Institute

| عيسوي سن | شاھ جي حياتي جو احوال | سنڌن وقت ۾ ٿيندڙ خاص واقعا | ان وقت سنڌن عمر سالن ۾ |
|---|---|---|---|
| | ڪرايو ۽ هند مان بہ مغلن جو تڏو ڪڍيو ويو. | | |
| ١٧١٨ع | شاھ ١٧١٧ع کان ١٧٢٧ع تائين پنھنجو گھڻو وقت سفر ۽ پنڌ ۾ گذاريندو رهيو. هن کي محسوس ٿي چڪو هو تہ هو هڪ خاص مشن کڻي دنيا ۾ آيو آهي. هن جي سُر مارئيءَ جيڪا سنڌ جي عوام ۾ زبردست سجاڳي آندي هئي، ان هن کي يقين ڏيئي ڇڏيو هو. | يار محمد ڪلهوڙو مري ويو. سندس پٽ نور محمد ڪلهوڙو سندس گادي نشين ٿيو. فرخ سيار کان پوءِ بہ شهزادا رفيع الدرجات ۽ رفيع الدولہ هڪ ٻئي پويان ڪجهہ مهينن لاءِ تخت تي ويٺا. جيڪي مري ويا. | ٣٨ |
| ١٧١٩ع | هو ان عوامي سجاڳي کي هاٿي بلوچستان، جيسلمير، ڪاٺياواڙ، ڪڇ ڏانهن وڌائڻ لڳو. هُو هڪ الهامي ۽ انقلابي شاعر هو. هن لاءِ انساني تقدس سڀ کان پهرين هو. اهو تيستائين پيدا نہ ٿِي ٿي سگهيو، جيستائين انسانَ، انسانَ جي غلاميءَ مان آزاد نہ ٿيو هو. ان ڪري سنڌ ۽ هند جي عوام جي غلاميءَ مان آزادي هن جي عملي جدوجهد جو پهريون خدا ئي مقصد هو. هن جي شاعري ۽ ڪرامت، سنڌ ۽ هند ۾ وڏي شهرت حاصل ڪري چڪي هئي. هن عرصي جي پڄاڙيءَ ۾ ڪيترا مريد ۽ معتقد سائس هاڻي سڄو وقت گڏ رهڻ لڳا هئا. | محمد شاھ (رنگيلو) تخت تي ويٺو. هن جي حڪومت ١٧٤٧ع تائين هلي، پر جهڙي هئي تهڙي ڪانہ. رڳو دهلي ۽ ان جي آسپاس تائين سندس حڪم هلندو هو. | ٣٩ |
| ١٧٢٨ع | شاھ، پٽ تي پنهنجو روحاني مرڪز | | ٤٨ |

Gul Hayat Institute

| عيسوي سن | شاهہ جي حياتي جو احوال | سندن وقت ۾ ٿيندڙ خاص واقعا | ان وقت سندن عمر سالن ۾ |
|---|---|---|---|
| | بنائڻ لاءِ، اتي جاين وجهائڻ جو ڪم شروع ڪيو. پاڻ بہ هٿ سان اهو ڪم ڪيائون. | | |
| ١٧٣١ | سيد حبيب شاهہ، سندن والد صاحب گذاري ويو. شاهہ پوءِ پنهنجي خاندان ۽ فقيرن سميت ڀٽ تي اچي پنهنجو آستان ڪيو ۽ اتي هاٽي گهڻو وقت ڏٺيءَ جي ڀڳتي يا سماع ۾ گذارڻ لڳو. | | ٥١ |
| ١٧٣٧ع | | نور محمد ڪلهوڙي جي حوالي مغلن ٺٽي جي صاحبي بہ ڪري ڇڏي. مغلن جو پڇاڙيون گورنر نواب صادق علي، نور محمد ڪلهوڙي جي موڪليل نمائندي شيخ عزيزالله کي چارج حوالي ڪري دهلي روانو ٿي ويو. | ٥٧ |
| ١٧٣٩ع | | نادر شاهہ، هن "تلوار جي ڀٽ" جي دهليءَ تي چڙهائي ۽ ان ۾ تاريخ جو وڏو قتل عام. | ٥٩ |
| ١٧٤٠ع | | نادرشاهہ موٽندي، نورمحمد ڪلهوڙي کي سندس تابعداري نہ مڃڻ ڪري سيڪٽ ڏيڻ لاءِ سنڌ تي چڙهائي ڪئي. نور محمد ڪلهوڙي جي قيد ۽ رهائي ۽ سندس حڪومت جي بحالي. ١٧٤٠ع کان ١٧٤٧ع | ٦٠ |



Gul Hayat Institute

| عيسوي سن | شاهہ جي حياتي جو احوال | سندن وقت ۾ ٿيندڙ خاص واقعا | ان وقت سندن عمر سالن ۾ |
|---|---|---|---|
| ۱۷۴۷ع | شاهہ رحلت فرمائي. اِنا لله و اِنا اليه راجعون. کين ڀٽ تي دفن ڪيو ويو ۽ اُتي آرامي آهن. شاهہ ۽ شاهہ جي تعليم، سنڌين لاءِ پوءِ هميشہ لاءِ سندن سنڌي وجود جي ضمانت رهيا آهن، ۽ سڄي انسان ذات لاءِ پيائيي، محبت ۽ امن جي علامت. | تائين سنڌ وري ٻي تخت جي تابعدار ٿي. پر پوءِ نادر شاهہ جي ان سال قتل ٿيڻ شرط نور محمد ڪلهوڙي **سنڌ جي آزاديءَ جو اعلان ڪيو** ايئن سنڌ جي ڌرتي، جا هڪ هزار سال ڪڏهن ڀاڱا ٿيندي، ڪڏهن غلام ٿيندي آئي، هڪ دفعو وري شاهہ جي روحاني انقلاب سان ملي نيٺ هڪ ٿي ۽ آزاد ٿي، ۽ پنهنجي ئي ٻچن ڏيئرن جي راڄي ٿي. شاهہ، مارئيءَ جي آزادي پنهنجي اکين سان ڏسي پوءِ دم ڏنو. سندس اها دعا بہ ڏٺيءَ سچي ڪئي. **......پوءِ مر پڇنم ڏينهڙا!** | ٦٧ |

Gul Hayat Institute

# شاهہ جو رسالو

## سُرن جو وچور


| | صفحو نمبر |
|---|---|
| ١- سُر ڪلياڻ | [١ - ١٠] |
| ٢- سُر يمن ڪلياڻ | [١١ - ٣٦] |
| ٣- سُر کنڀات | [٣٧ - ٤٨] |
| ٤- سُر سريراڳ | [٤٩ - ٦٦] |
| ٥- سُر ساموندي | [٦٧ - ٧٨] |
| ٦- سُر سهڻي | [٧٩ - ١١٤] |
| ٧- سُر سسئي آبري | [١١٥ - ١٤٦] |
| ٨- سُر معذوري | [١٤٧ - ١٦٢] |
| ٩- سُر ديسي | [١٦٣ - ١٨٦] |
| ١٠- سُر ڪوهياري | [١٨٧ - ٢٠٠] |
| ١١- سُر حسيني | [٢٠١ - ٢٣٤] |
| ١٢- سُر ليلا چنيسر | [٢٣٥ - ٢٤٤] |
| ١٣- سُر مومل راڻو | [٢٤٥ - ٢٦٨] |
| ١٤- سُر مارئي | [٢٦٩ - ٣٠٤] |
| ١٥- سُر ڪاموڏ | [٣٠٥ - ٣١٠] |
| ١٦- سُر گهاتو | [٣١١ - ٣١٤] |
| ١٧- سُر سورٺ | [٣١٥ - ٣٢٦] |
| ١٨- سُر ڪيڏارو | [٣٢٧ - ٣٤٠] |
| ١٩- سُر سارنگ | [٣٤١ - ٣٥٤] |
| ٢٠- سُر آسا | [٣٥٥ - ٣٧٠] |
| ٢١- سُر رپ | [٣٧١ - ٣٧٦] |
| ٢٢- سُر ڪاهوڙي | [٣٧٧ - ٣٨٤] |
| ٢٣- سُر بروو سنڌي | [٣٨٥ - ٣٩٤] |
| ٢٤- سُر رامڪلي | [٣٩٥ - ٤٢٨] |
| ٢٥- سُر ڪاپائتي | [٤٢٩ - ٤٣٤] |
| ٢٦- سُر پُورب | [٤٣٥ - ٤٤٢] |
| ٢٧- سُر ڪارايل | [٤٤٣ - ٤٤٨] |
| ٢٨- سُر پرڀاتي | [٤٤٩ - ٤٥٤] |
| ٢٩- سُر ڏهر | [٤٥٥ - ٤٦٦] |
| ٣٠- سُر بلاول | [٤٦٧ - ٤٧٨] |
| پلنامو | ٤٧٩ - ٤٨٠ |


Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

## سر سريراڳ - داستان پهرئين جو سار

ڌڻيءَ جي مهر هٿ ڪرڻ لاءِ، انسان کي جڳائي تہ هردم سندس ياد، من ۾ رکي. انسان هڪ ملاح آهي، جنهنکي پنهنجي ڪايا روپي ٻيڙي بي نقص، صاف ۽ اوجل رکڻي آهي. انسان هڪ جهونو جهاز آهي، جو غفلت سبب، هن سنسار روپي مها ساگر ۾ ڪنهن بہ وقت فنا ٿي عدم ۾ سمائجي ويندو. ڌڻي پنهنجو لطف ڪري، جو هن "غاريبي غراب" کي جوکو نہ رسي: هاديءَ جي همراهيءَ کان سواءِ، اُنجو سلامتيءَ سان اُڪري پار پوڻ محال آهي. هيءَ ڪايا، پاڻ سان پري پيئي آهي. مالڪ کان اسانجو ڪوبہ عيبُ لڪل ناهي. اَفسوس جو انسان، موتين جو وڻج ڇڏي، وڃي شيهي ۽ ڪائي جي واپار ۾ پيو آهي. جي پنهنجي قلب مان ڪُوڙ ڪڍي ڇڏي تہ هوند هن پار سڀ سهنجائي ٿي پويس.

### داستان پهريون

١

جيڪي منجهہ جهانَ، سو تاريءِ[1] تڳي لنهنجي،
لُطفَ[2] جي، لطيفُ چئي، ئو وت ڪمي[3] ڪانَ،
عَدُلَ[4] چُنان آئون نہ، ڪو قيرو ڪبج فَضُلَ[5] جو!

٢*

ساري راتِ سُبحانُ[6]، جاڳي جن ياد ڪيو،
اُنِ جيَ، عبداللطيفُ چئي، مِٽيءِ[7] لڌو مانُ،
ڪوڙين ڪن سَلامُ، آڳهِ[8] اَچيو اُنِ جي.

٣

سيوا[9] ڪر سمنڊَ جي، جت جُرُ[10] وهي ٿو جالَ[11]،
سٽين[12] وهن سيِرَ ۾، ماڻڪ، موتي، لالَ،
جي ماسو[13] جُڙيئي[14] مالَ، تہ ٻوڄارا! ڀرِ ٿئين.

٤

سي ٻوڄارا ڀرِ ٿيا، سمنڊُ سيويو جن،
آنڌائون عَميقَ[15] مان، جُولِي[16] جواهرِن،
لَڌائون، لطيفُ چئي، لائون مان لهرن،
ڪانهي قيمتَ لنِ، مُلهہ مَهانگو اُن جو.

٥

سيويو جن سُبحانُ، وير نہ وِڙهي لن سين،§

---

١- آڌار ٢- مهر ٣- گهٽتائي ٤- نياءَ سان ٥- ٻاجهہ ٦- ايشور ٧- خاڪ، قبر ٨- حضوريءَ ۾
٩- پوڄا 'سمنڊ جي سيوا ڪرڻ' آهي: وڻج واپار ڪرڻ ١٠- جل، پاڻي ١١- اٿاهہ، اڪيچار
١٢- سوين ١٣- ذرو، رتي ١٤- ملهي ١٥- اونهي سمنڊ ١٦- انبار.
*جن ساري رات اوجاڳو ڪري، ڌڻيءَ کي ڏيايو، تنجي خاڪ بہ عزت حاصل ڪئي. اُنهنجي حضوريءَ ۾ سهسين اَچيو سجدو ۽ سلام ڪن.
§جن صاحب کي پوڄيو، تن کي سنسار روپي ساگر جي وير جوکو نہ ٿي رسائي.

Gul Hayat Institute

## سر سهڻي - ابيات متفرقه جو سار

ساهڙ کان سواءِ، سهڻي ”نسوري ناپاڪ“ آهي. ساهڙ جي صحبت ئي سهڻيءَ لاءِ سنان (غسل) آهي. اهو سنان ئي سندس ناپاڪائيءَ کي نابود ڪري ٿو سگهي. ساهڙ کان سواءِ، لوڏي لب ۾ وڙل آهي ۽ ”جڏي ۽ جمال“ آهي. سهڻيءَ جي دوا، دوست جي ديدار ۾ آهي. ”لوڏيءَ سندي تن جي، دوا ۾ ديدار.“ جيسين جيئري هئي، ليسين هر راتِ، تار ترندي، پنهنجي پرينءَ ڏي ٿي وئي ۽ ڪڏهن به ورچي، ويهي نه رهي. سپرينءَ جي سِڪ ۾ نيٺ وڃي پاتار ۾ پيئي. ميهار نه ساڻس هميشه لاءِ وڃي پاڻيءَ ۾ واصل ٿيو. سڪيءَ لي ڪيس عارضي وصال ٿي مليو، مٿي ڪان پوءِ وڃي پاڻيءَ ۾ هميشه لاءِ ساهڙ سان ملي. عاشق کي وصال جو انعام، فنا کان پوءِ ئي ٿو ملي، ”هي هڏو ۽ چم، گهوريو محب ميهار تان.“

•

”سر سهڻي“- هندستاني جي گائن وديا آنوسار، هن سر جو اصلي نالو ”سر لوڏي“ آهي. هيءَ راڳڻي ديپڪ راڳ، جي پنجن استرين مان هڪ ڪري ڳڻي ٿي وڃي ۽ صبح جو پهرئين پهر ۾ ڳائبي آهي. هيءَ راڳڻي نهايت مٺي آهي. هن راڳڻيءَ کي ’سهڻي‘ انهيءَ ڪري سڏيو ٿو وڃي، جو منجهس سهڻيءَ جي سندرتا ۽ پريم جو ورنن آهي.

---

Gul Hayat Institute

## سر سسئي آبري - داستان ٽئين جو سار

دلبر جو ديرو انسان جي دل ۾ ئي آهي. جانب کي جبلن ۽ جهنگلن ۾ ڳولڻ نسوري گمراهي آهي. هي پنڌ جسماني ناهي، پر روحاني. ڪنهن به شخص، پنڪڻ سان پريتم نہ پاتو آهي. هن راه ۾ خوديءَ کي ڇڏي، محبت کي ساڻ کڻڻو آهي. پرينءَ لاءِ پهاڙ ڏانهن پنڌ ڪرڻ فضول آهي؛ وجود ئي وڻڪار آهي. پيرن جو پنڌ وساري، هنئين سان هوت ڏي هلڻ گهرجي.

شاه صاحب، طالب کي سسئيءَ جو ويس ڏنو آهي. طالب کي هدايت ٿو ڪري تہ "لون وڻڪار ڏانهن ڇو ٿو وڃين؟ پرينءَ لاءِ پنهنجي وجود ۾ ئي نہ ٿو نظر ڪرين!" جن ايشور سان لنؤ لاتي آهي، سي پنڪن نہ ٿا، پر هڪ ئي هنڌ سندس خيال ۾ محو ٿيا وينا آهن. "جن پنهونءَ سين پيچ، تن پيرين پنڌ وساريو."

•

## داستان چوٿون

١

هيڄُ نہ هوندو جن، سي ڪيئن وِندُرِ ويندِيُون؟
وِهو وِڃِ رَهَنِ، سَهسين سَڌُنِ وارِيُون.

٢*

سَڏائِتي سَيَڪا، ٻُڪَ نہ باسي ڪا،
جيهيءَ ليهيءَ ذاتِ جِي، جُنبِشِ ڪانهي جا،
مون سين هَاي سا، جا جِيَّ مِٺو نہ ڪَري.

٣

ڪيڄُ نہ جُنبڻَ جاءِ، تہ ڪا هَلِي هوتَ ڏي،
مون سين هَلِي سا، جا جِيَّ مِٺو نہ ڪَري.

٤

آلِڻَ ۾ ٻِرِياڻُ، هو سَيني جيڏِئين،
مون سَياڳِيءَ ساڻُ، ڪيرَ چُلندي ڇپَرِين؟

٥

سُڪَنِ واري سَڏَ، مَتان ڪا مون سين ڪَري،
اَندَرُ جنين اَڏَ، ڏُونگَرَ سي ڏورِيندِيُون.

٦

ڏُونگَرَ نہ ڏُوري، سِڪَڻَ جون سَڏُون ڪَري،
وِيَنِي گَهرِ گهوري، مَتان پِرِيَنِ جِندُڙو.

٧

وَرِيتيُون! وَرو، آئُون نہ وَرَندي وَرِ ري،
جاڏي هِنَ جَبَلَ جو، تانگهيندِيَسِ تَرو،
جَتَنِ ساڻُ ذَرو، نينهُن نِبيرَڻُ نہ ٿئي.

٨

وڃو سَبِ وَري، اَئين جي وَرَنِ وارِيُون،
ٿوڙائي فِراقَ جِي، سُڃي ڳالهِ ڳري،

---

١- اُڪنڊ ٢- جيل ۽ ٽئين جو نالو ٣- سڏ ڪندڙ ٤- هلڻ (عشق جي راه ۾) ٥- اُڳتي ڌرڻ ٦- ڪترڻ جي جاءِ (يعني گهر) ٧- محبت ٨- ورن واريون ٩- موٽنديس ١٠- پتار ١١- ڏکئي ١٢- ڳولينديس ١٣- ڌار ڪرڻ ١٤- اوهين ١٥- جدائي.

*سڏ ڪندڙ هرڪو آهي، پر ڦاڦا (ڪشالا ڪڍڻ) ڪوبہ پاڻ تي هموار نہ ٿو ڪري. هن راه ۾ جهڙي تهڙي انسان جي هلڻ جي جاءِ ناهي. مون (سسئي) سان اها سفر ڪري، جنهن کي پنهنجي جان پياري نہ هجي.

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

## سر حسيني - داستان ٻارهين جو سار

سسئيءَ جون سرليون، جي هڪواريءَ پنهونءَ جي ٻاٻوهه ۽ صورت پسن ها، تہ هو بہ ٻانهن واٽ ۾ وجهي، رڄن ۾ ريهون ڪن ها. سسئيءَ کي پنهونءَ کان سواءِ، ڀنڀور جا سک بہ وڏا سور آهن. هوءَ رت روئندي، پنهونءَ پنيان پيئي وڃي. گجهو رت روئڻ ۽ صبر ڌارڻ، سچن عاشقن جو گڻ آهي. "صبر وڏو ست" آهي. سسئي "گهوٽ گهوري" ۽ "ونڌر وڪاڻي" آهي، ۽ هر وقت مرڻ جي مرحبا پيئي ڪري. هوت ٻروچي سان اهڙو ڪو ازلي نينهن اٿس، جو هوءَ ڀنڀور جا سک ترڪ ڪري، وٽي ڇڳر ڇالون ڏيندي. روحاني سفر بہ نهايت اوکو آهي ۽ ڪنهن کي بہ مجال ناهي، جو رهبر ري، اُنکي طيءِ ڪري سگهي. جي سواءِ سونهي جي سفر ٿا ڪن، سي وڃيو ڏاکن جي ور چڙهن.

•

"سر حسيني"- هي سر، هڪ مشهور عربي ۽ فارسي سر آهي، جنهن ۾ مرثيا ڳايا ويندا هوا. سسئيءَ جا ورلاپ بہ نهايت دردناڪ آهن، جنهنڪري اهو نالو مٿس موزون ٿو لڳي. داستان ٻارهين جي پوئين بيت ۾، هن سر ڏانهن جو خاص اشارو آيل آهي، تنهن مان ظاهر آهي تہ هي سر، نهايت درد ۽ سوز وارو آهي. هي سر ماتم جو آهي.

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

## سر ليلا چنيسر - داستان ٽئين جو سار

چنيسر سان ڪنهن بہ مدد کي چاڪ نہ ڪرڻ گهرجي. هي ماڻي جو ماڳ، ناهي؛ ڪانڌ کي گيرب ۽ ڳاءُ هرگز نہ وڻي. ڳچيءَ ۾ هار هجن يا هس ۽ منهن لي پل جڙاءَ هجي تہ بہ ڍوليو موهجڻ جو ناهي. جي سهاڳڻيون پاڻ سينگارين ٿيون، تن لي هو مفتون ٿيڻ جو ناهي؛ هو اُنهن جو آهي، جي هيناهيون ٿي ٿيون هلن: ”پينو تن دراءَ، جي پسي پاڻ لڄائيون.“ هينئر ليلا بہ پنهنجو ناز نخرو ڇڏي، نماڻي ٿي آهي ۽ ٻاڏکي ”ڪميڻي“ ٿي ڪوڪي: ”ڍولا! ٻيل مر موُن، ڪانڌ! ڪميڻي آهيان.“

هوءَ راڻيءَ مان ٿري، ”مسڪين“ ٿي آهي: ”پرتان پير پري، ملهائيج مسڪين کي.“

هاڻي سندس ڳچيءَ جو پاند، چنيسر جي هٿ ۾ آهي. هنجو ڪم آهي سندس عيب ڍڪڻ: ”اَصل اَواين جا، عيب ڍڪيئين ٿوَن اَسِ.“

•

**”سر ليلا چنيسر“**:- هي سر، ليلا چنيسر جي قصي تي ٻڌل آهي. اهو نالو، مٿس مضمون مطابق رکيو ويو آهي. هن سر ۾ ليلا جي پڇتاءَ ۽ عاجزيءَ ۽ چنيسر جي ڏمر ۽ غيرت جو ذڪر آيل آهي. سارو سر، ليلا جي نيزارين ۽ وينتين سان ڀريل آهي. ڏٺي بہ ”ريساڻو راجا“ آهي. دنيا جي شين لي جي موهجي ويا، تن کيس هميشہ لاءِ وڃايو.

Gul Hayat Institute

## سر مؤمل راڻو - داستان ڏائين جو سار

مؤمل جي اَندر مان سمورو غير نڪري ويو آهي ۽ سندس باطن ۾ هڪ عجيب اُجالو اُڀري ٿيو آهي. هوءَ ظاهر ڏوڙي باطن، هرجا راڻي جو نور ئي نور ڏسي. راڻي وٽان ڪيس هڪ "ڏئون نياپو" آيو آهي:

"ڪهڙي پڇين ذات، جي آيا، سي اَگهيا."

هوءَ پاڻ ۾ ئي ڪاڪ ٿي پسي ۽ پاڻ ۾ ئي لڌاڻو. هوءَ "چوڏس چناڻو" ٿي ڏسي. ڪرهو ڪاهي، سو ڪيڏانهن ڪاهي! طالب ته جڏهن پچناءَ جي لڙڪن سان پنهنجو سينو صاف ٿو ڪري، تڏهن کيس هرجا محبوب (ايشور يا حق) جو ئي جلوو نظر ٿو اَچي. روحاني ڪچهرين ۾ ذات جو پيد ناهي. جنهن محبوب سان نينهن اَڙايو، سو اَوس سندس در اَگهيو. جو پاڻ سڃاڻي ٿو، سو مؤمل وانگر اِهوئي سر ٿو آلاپي ته:

"راڻو ۽ راڻو، رءِ راڻي ٻيو ناه ڪو."

•

"سر مؤمل راڻو"- هن سر جو نالو به اُنجي مضمون مطابق آهي. "سر راڻو" سنڌ ۾ ٻيتن ۽ لوڙائن جي صورت ۾ گهڻو ڳايو ٿو وڃي. هي فراقي سر آهي. هي ڏنج سنڌي سر آهي ۽ اُنجي ڳائڻ جو ڪو خاص وقت ڪونهي. "سر راڻو" ڏاڍين کي ويران ڪندڙ آهي، ڇو ته مدجهس ويراڳ جون وايون آهن. "سوڍي جي، سرتيوُن! وڌيس وه ويراڳ."

Gul Hayat Institute

## سر مارئي - ابيات متفرقہ جو سار

مارئي ٽي چوي ٿہ ”جي حاڪم (عمر) ٽي ”لوڙائو“ ٿيو تہ مسڪين مارو ٽرن منجهہ ڪئن گهاري سگهندا.“ قضا ڪيس ڪوٽ ۾ آندو آهي. هوءَ ”هميراڻا هتڙا“ مور ڪين مڃيندي. ڪيس جهڙا جي لهڙا پنهنجا مارو منا ۽ ملهائتا آهن. هوءَ پنهنجي وطن جي آب لاءِ ٽي سڪي. عمر کي ويٺي ڪري ٿي چوي تہ ”رڳو ايتري مهلت ڏينم، جو پائر جو پاٽي پنهنجي سرير ٽي واري، انهيءَ دم لو وٽ وابس وران.“ مارئيءَ جي من جو محبوب ”ميرو مارو“ ٽي آهي. مارن جي فراق سندس هڏ ڪپي ڇڏيا آهن. ساٽيہ جو نالو سٽندي ٽي سندس اندوہ غائب ٿيو وڃن. ڏکن پنيان نيٺ سک اَچڻا آهن. مارئيءَ ٽان بہ نيٺ ”بند بدا“ ٿيندو ۽ هوءَ ڌڻيءَ جي فضل سان وڃي پنهنجن مارن سان ملندي.

•

”سر مارئي“- هن سر ٽي سندس مضمون مطابق نالو رکيو ويو آهي. منجهس مارئيءَ جي ورلاپن، ٻورن، اُمنگن ۽ وطني اُڪير جو ورنن آهي. هن سر ۾ شاه صاحب وطن پرستيءَ جا اعليٰ ۽ بي نظير خيال آندا آهن. ساڳئي وقت، مسڪينن ۾ جو اِخلاص ڏنو اَٿس، لنهنکي ٻورو داد ڏنو اَٿس. هي سر، عمر جهڙن ”لوڙائو“ اُميرن لاءِ هڪ اَبدي سبق آهي.

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

## سر سورٺ - داستان چوٿين جو سار

ملڪ ڏٽيءَ (ڏياچ)، مڱڻهار جي مام ٻروڙي آهي. ڪامل مرشد جي ڳاه (ڳجهارت)، سعادتمند مريد سمجهي آهي. راجا، سر ڏيڻ نه قبولي ٿو، ٻر سواليءَ کي اهوئي ٻيو سوال ڪري ٿو:

”لڏهن ٻر لسج ٿون، جيڪي ٻوٺي ٻت ٻر.“

”اي چارڻ! شل مڏهنجو سر قبولين. مونکي نه عجب آهي نه چنگ وڄائيندي، تو ڪڻن ٻنهنجو جيءَ جيڏرو رکيو آهي! تو رات جو مڏهنجي هردي کي ڪماچ سان ڪاٽيو آهي. هي منهنجو خاڪ جو جسم، جي تو ورتو نه ڇا ٿيو:“

”خاڪ مٽي ڪا بان، ڪاٽيا ٻوءِ ڪجهه نهين.“

نيٺ لڏڏ، ڪٽارو ۽ ڪنڌ ٻاٽير ٻرٽا. راڻين ۽ نارين ٻر روڄ مچي ويو:

”سهسين سورٺ جهڙ ٻوُن، اُڀوُن اوسارين، نارڀوُن ناڏ ڪرين: ’راجا رات رمگيو!‘“

•

”سر سورٺ“- سورٺ، سنسڪرت شبد ”سؤراشٽر“ جي بگڙيل صورت آهي. هندستان جي گائن وديا موجب، هيءَ راڳڻي، راڳ ڀڙو جي ٽئين ٻت جي اِستري آهي. شايد سؤراشٽر ٻر هيءَ راڳڻي گهڻو ڳائڻ ٻر ايندي هئي، جنهنڪري اُلس اِهو نالو ٻيو آهي. هيءَ راڳڻي رات جي ٻئي ٻهر ٻرڳائبي آهي. هتي، راڳ جو عاشق شاه صاحب، ٻاڻ ٿي ڏياچ آهي.

Gul Hayat Institute

# سُر ڪيڏارو

## داستان پهريون

١

ڏِنو مُحَرَّمُ[1] ماهُ[2]، سَنْڪو[3] شَهزادَنِ ٿيو،*
جاڻي هيڪُ اَللهُ، پاڻَ وَڻَندِيوُن[4] جو ڪَري.

٢

ڏِنو مُحَرَّمُ ماهُ، سَنْڪو شَهزادَنِ ٿيو،
مَڪي، مَدِيني ماڙُهين[5]، رُنو مَٿي راهَ،
ڪَنهن واحِدَ[6] کي واهَ، جو حُڪُمَ هَڙائي ڪَري.

٣

مُحَرَّمَ موٽي آئيو، آئيا ڪان نَه اِمامَ[7]،
مَدِيني جا جامَ[8]، مؤلا! مؤن کي ميڙِئين!

٤

مُحَرَّمُ موٽي آئِيو، موٽِيا ڪان نَه اَميرَ،
مَدِيني جا ميرَ، ڏاڏَرَا! مؤن ڏيکارِئين.

٥

ميرَ[9] مَدِيني‍ان[10] نِڪِري، ڏيرا ڏِناڻوُن،
ڪانيءَ، پاڻيءَ، گاهَ کي، ماڙهوُ مُڪائوُن،
چَڙهَندي چِياڻوُن، نَه تيندي ويڙهِ[11] وَڏاندِري[12].

٦

ميرَ مَدِيني‍ان نِڪِري، رِڙهيا مَٿي رَنَدَ[13]،
گهوڙا تِنِ گهوٽَنِ جا، پِڙِيا[14] مَٿي پَدَ،
جِتي رَهِيا راتِڙِي، سي سوُنهارا[15] هَندَ،
ڪُلها، ڪَرَنگهَ[16]، ڪَندَ، جُهَرِ جهوُنجهارَنِ[17] جا.§

---

١- اسلامي سال جو پهريون سڳورو مهنو ٢- مهنو ٣- فڪر، جهوري ٤- ڪيس وڻندڙ ڳالهيون ٥- ماڻهن ٦- ڪنهن ڏڻيءَ کي واڪاڻ يا جس ٧- مذهبي پيشوا يا اڳوان ٨- سردار ٩- مديني کان ١٠- ڇانوڻيون هڻيائون ١١- جنگ ١٢- وڏي، زبردست ١٣- واٽ، رستي ١٤- هليا ١٥- سهڻا، سياڻا، سڳورا ١٦- پٺيءَ جا هڏا ١٧- بهادرن، سورمن.
*محرم جو مهنو ڏنو ۽ امامن سڳورن جي جهوري لڳي.
§سورمن جا ڪلها، پٺيون ۽ ڪنڌ (مڙيئي سنڌ) سور کان ڪڙهن پيا.

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

## سر سارنگ - داستان چوٿين جو سار

مينهن موڪ پيو آهي. ساري عالم تان ”اڃ اسات“ لٿي آهي؛ سنگهارن لاءِ خاص سک ٿيو آهي. ڪنڊيون ڪاهي ٻاهر ڪيون اٿن؛ ٿر سڄو سائو ٿيو آهي؛ ولهارن ۾ گلزاريون لڳي ويئون آهن. رڳو موذين ۽ ڏڪارين جي گهرن ۾ ٿي ماتم آهي. شل ڏٺي اچي مسڪين مالدارن جو ٻرڊو رڪي:
”سنگهارن شرم، رک منهنجا سڀرين.“

وڄون، محبوب جي نوازش جو روپ آهن. اُنهن استنبول، چين، روم، ڪابل ۽ قندار ڪان وٺي، جيسلمير، بيڪانير، ڀڄ، دکن ۽ سنڌ تائين، سڀني ولايتن تي پنهنجي مهر جي ورڪا ڪئي آهي. شاهه صاحب، ساري عالم، خاص ڪري سنڌ لاءِ، دعا ٿو گهري:
”سائين! سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار، دوس! مٺا دلدار! عالم سڀ آباد ڪرين.“

•

**”سر سارنگ“**- هي سر، هندستان جي گائڻ وديا موجب، ميگهه راڳ جي اُنن پٽن مان هڪ آهي. ميگهه جي پنجن استرين مان هڪ ملهار آهي. ميگهه، ملهار ۽ سارنگ کي بالترتيب ڳاڙهي سان، آسمان ۾ جهڙ لڳيو وڃي ۽ برسات اچيو وڃي. ڪن صاحبن جو رايو آهي ته ”سارنگ“ هڪ پکيءَ جو نالو آهي، جنهنجي آلاپن مان هي سرورلو ويو آهي.

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

## سر ٻروو سنڌي - داستان ٽئين جو سار

عشق اَهڙي شيءِ آهي، جا مانجهي مڙس کي به منجهايو ڇڏي. عاشق لاءِ ڏينهن جو ڏونگرن ڏورڻ ۽ ساري رات روئڻ ئي آهي. اَفسوس جو اَڄ ماڻهن پنهنجو اِخلاص ماٺو ڪيو آهي. ماڻهو، ماڻهوءَ جو ماس پيو کائي. سارو جهان، دولاب ۾ گرفتار آهي. اِنسان، هن جهان ۾ رڳو نيڪيءَ جو واس ڇڏيندو. دل جو دلبر هڪ هڻڻ گهرجي. زبان سان هرڪو ٻاڏڪي جاني دوست پيو سڏائي، پر جڏ ن ڪم ٿو پوي، تڏهن دوستيءَ جي ڪل ٿي پوي. دوستن جو دستور اِهو آهي، جو ڪڏهن به هو هڪ ٻئي سان نالو ڇني نه ٿا ڇڏين. ڏٺي اَهڙو محبوب آهي، جو پنهنجي ٻانهي جا سڀ عيب ڍڪيو ڇڏي، ۽ ڪڏهن به ڪوسو ٿي، ڪيس ڏوراٻو نه ٿو ڏئي. ٻوليو سڀ ٻلايون ٻڪيو ڇڏي.

•

**”سر ٻروو سنڌي“**- هندستان جي گائڻ وديا موجب، ”ٻروو“ هڪ راڳڻيءَ جو نالو آهي. اِنهيءَ راڳڻيءَ کي ڪجهه سنڌي رنگ ڏيئي، هي سر رچيو ويو آهي. هن سر مان حسن ۽ عشق جي همڪار ٻيئي اُڀي. دلبر جي ناز ۽ بيپرواهيءَ ۽ عاشق جي نياز ۽ وفائيءَ جي مضمون کي نهايت نزاڪت ۽ رقت سان هن سر ۾ آندو ويو آهي.

---

Gul Hayat Institute

# سُر راڻَڪلي

## داستان پهريون

١

نُوري[1] ۽ ناري[2]، جوڳيڙا جَهانَ ۾،
ٻَري[3] جن ٻاري[4]، آئُون نہ جِئندي اُنِ ري.*

٢

جوڳيڙا جَهانَ ۾، هُئا مَنجِهہ حَمامَ[5]،
آرامان[6] اَرَڳُ[7] ٿِيا، اوڏا نہ آرامَ،
ڪَياٿُون قِيامَ[8]، آئُون نہ جِئندي اُنِ ري.

٣

لَکين ڪَيا لِسانَ[9] سين، لاهُوتِين[10] لوڙا[11]،
گهوڙا! ٿِي، گهوڙا! آئُون نہ جِئندي اُنِ ري.

٤

ڳُوليانِ ۽ ڳُنڊيانِ[12]، وِيا ويراڳِي نِڪري،
صُحبَتَ جا سَنڌيانِ[13]، آئُون نہ جِئندي اُنِ ري.

٥

مَران، مَٿو پِٽِيان، نِهارِيان نيڻانِ،
سُڌُنَ جي سَندانِ، آئُون نہ جِئندي اُنِ ري.

٦

وارو![14] ويراڳِين کي، ويلَ مَ وِساريجِ،
قَدَمَ ڪاپَڙِيُن[15] جا، لِيلائي لَهيجِ،
پيرَ[16] پَسيو پَٽَ[17] جي، وَڃُڻَ کي وَجِيجِ،§
رالو ڏِيهَن رِڙهيجِ، آئُون نہ جِئندي اُنِ ري.

٧

قَدَمَ ڪاپَڙِيُن جا، لَڳا ۾ لاهُوتَ[18]،

---

١- نوراني (سچي جوت وارا) ٢- باھ وارا (دوزخي) ٣- چمڪي (عشق جي باھ ۾) ۴- جماعت ٥- تابش (عشق جي) ٦- آرام ڪان ٧- اَلڳ، پري ٨- قيامت، قهر ٩- زبان ١٠- سچن فقيرن ١١- آلاپ ١٢- سندن سڳنڌ وٺان ١٣- سندن ١۴- اي مدد ڪريو! ١٥- جوڳين ١٦- پيرَ يا گروءَ ڏانهن گس ١٧- پٽ، ٽولي ١٨- لاهوت يعني جوڳين وڏي جي منزل.
*جنهن جماعت نينهن جي نور سان پيٺي چمڪي، ٿن ڪان سواءِ مان نہ جيئنديس.
§جوڳين جي ٽوليءَ جو گس پسي، هنن پٺيان هميشھ لاءِ وڃج.

## سر رامڪلي - داستان ٽئين جو سار

جوڳين لاءِ ٻڪ وڏو ڄڄ آهي. هو طعام جي طلب نہ ٿا رکن ۽ سارو وقت اڃ اولیو پيا پيئن. هنن من ماري مڄ ڪيو آهي ۽ پوءِ اُهڙي آلمڪ اُوستا ڪي رسيا آهن، جو: ”جيڏنهن پرين وڪ، تيڏنهن صاحب سامهون.“

هو جهڙا جڳ ۾ آيا، تهڙائي هتان موٽيو وڃن. اي آديسي! اڄ ٿي مر ۽ ڪالهہ ۽ سڀان جي ٻچار نہ ڪر. جن سنياسين ”گندي ۽ گراهہ“ سانڍيو، تن ڪان الله اُڇا پري آهي. سامي اهو آهي، جو سلوڪ ڪي هتان نہ ڇڏي؛ راين ۽ گبرين کي ترڪ ڪري؛ ۽ ”گرجي گودڙيءَ“ کي اَدب سان اوڍي. آديسي اهو آهي، جو مڙهيءَ اَندر پاڻ پوري، پنهنجو ماس کائي. جوڳين جو درو اُتي آهي، جتي نہ سج آهي، نہ چنڊ، نہ عرش، نہ اُپ:

”پري پيئن پرو، ناٿ ڏٺائون ناهہ ۾.“

•

**”سر رامڪلي“**- هندستان جي گائن وديا موجب، رامڪلي، هنڊول جي پنجن اِسترين مان هڪ آهي. سارو سر، جوڳ ۽ جوڳين جي اُستتيءَ ۾ اُچاريل آهي. جيئڪي گيتا ۾ يوگ ۽ يوگين بابت چيل آهي، سو شاهہ صاحب جي ”سر رامڪلي“ ۾ نرنيءَ ٿيل آهي. شاهہ صاحب سچن ويراڳين جي ويراڳ ۾ ئي هي سر چيو آهي.

---

Gul Hayat Institute

## سر ڪاپائتي - داستان ٻهرئين جو سار

شاه صاحب هت اِنسان کي ڪاپائتيءَ جي صورت ڏني آهي ۽ سندس قلب کي اُٽت جي. جيئن اِنسان کي سرير ۾ ساه آهي، تيئن ڪتڻ يعني ڏٽيءَ جو اِسم اُچارڻ ڪپهه. ڪتيو اهو قبول ٿو پوي، جنهن ۾ ”چاڙڻ“ يعني خودي ناهي ۽ جنهن سان ڪنبڻ ساڻ آهي. جيڪي چت ۾ چاوت پائي تيون ڪتين، تنهن صراف دڪو ۾ داخل نہ ٿا ڪن؛ پر جيڪي من ۾ محبت رکي تيون ڪتين، تنهن صرافن وٽ اَڻ توريو ئي ٿو اَگهامي. جنهن جي من ۾ محبت آهي، سي ڪَتي رنيا روڙين، نہ ۾ صراف ڪوڏ پٿي، سندن سٽ ماڪن عيوض ٿا مٽين؛ پر جنهن جي اَندر ۾ ڪيهو آهي، سي پل ڪَتي سنهي تند ڪتين تہ ۾ صراف اُنکي ڇهن ۾ نہ ٿا. اَفسوس جو اَج نہ ڪتڻ واريون آهن، ”نہ وڙڻ وٽن ۾“. بازاريون سڃيون آهن.

•

**”سر ڪاپائتي“**- ”ڪاپائتي“ لفظ جي معني آهي ڪتڻ واري يا ڪاتار. هن سر ۾ ڪاپائتين جو ذڪر آهي. مضمون جي مدنظر اُلس اِهو نالو رکيو ويو آهي. سالڪ کي ڪاپائتيءَ جو روپ ڏنو ويو آهي. قلبي ذڪر کي اُٽت ڪتڻ سڏيو ويو آهي ۽ ڪاملن کي صراف. هرڪو پنهنجي ڪتي موجب ئي مالڪ وٽ ملهہ ۽ مان لهندو.

Gul Hayat Institute

## سر پُورب ـ داستان ٻئي جو سار

شاه صاحب، سچن جوڳين جي صحبت تان ٻلهار ٿو وڃي ۽ ڪوڙن کي قيمتي مت ٿو ڏئي. پورب مان مراد آهي: جوڳين جي آتمڪ منزل. شاه صاحب جا من گهريا جوڳي، پورب پڌاريا آهن ۽ سندن فراق ۾ سندس دل درد جون دانهون ٿي ڪري:

”پورب ٿي مارياس، ڪنهن در ڏيان دانهڙي.“
هنجي صحبت ۾ ”ڪستوري خوشبوءِ“ آهي. ڪوڙن سامين جو حال اِهو آهي، جو هو پيٽ ڀرجا ڪن ڪپاٽ، خلق اڳيان ڏيک پيا ڪن، ۽ اندران چشڪا پيا وٺن. پاڪي سوامي چوائي، سڪ طلب، آهي جوڳ، جو اپمان ڪرڻ. سچو جوڳي اهو آهي، جو سڀ لاڳاپا لاهي، مرڻ کان اڳي مري:

”لاڳاپا، لطيف چئي، جوڳي! ڇڏي جاڳ،
لاهوليڪو لاڳ، مرڻ جيءَ نه ماڻين.“

•

”سر پُورب“ـ هندستان جي گائن ودِيا آنوسار هندبول جي اُتن پٽن مان هڪ جي اِستريءَ جو نالو ’پوربي‘ آهي. هن سر ۾، شاه صاحب، ’پورب‘، پرينءَ جي ديس ۽ سامين جي منزل مقصود کي ٿو سڏي. سامين کي ”پوربيا“ ٿو سڏيو اٿس:

”پوربيا پُوري ويا، آسڻ آڏيءَ راهه.“

هن سر لاءِ اِهو نالو انهيءَ ڪري رکيو ويو آهي، جو منجهس ’پورب‘ ۽ ’پوربين‘ جو ذڪر آيل آهي.

Gul Hayat Institute

## سر ڪارايل - داستان ٻئي جو سار

اِنسان جي ڪايا هڪ ٻيرو آهي، هن ۾ پکي ۽ سرهو سر ٻه اُن منجهه ٿي آهن. شيطان روپي شڪاري ٻه منجهس ٿي پيو ڦري. اَفسوس جو اَڄ هنجن (ڪاملن) جو ديدار درلڀ ٿي پيو آهي. هن دنيا روپي ريگستان ۾ ڪيئي سنها سپ پيا گهمن، جنهن جهڙپ وڏن جڳن کي ٻه ڏاهيو وڃهي. جتي ڪارايل (مور) ڪنهن ڪنهن ڪاريءَ ذاتي کان ڪنارو ڪندو آهي، ليڪن سچا سالڪ ٻه اُنهن ٻلائن کان ڪنارو ڪندا وتن. وڏي ۾ وڏو نانگ شيطان آهي، ٻر جوڳين سان سندس جاءِ ناهي. جن جوڳين، پنهنجي يوگ ٻل سان جهوناڳڙه جلايو، سي هن نانگ کي ڪن ۾ ناس ڪيو ڇڏين. گارو ڙين سان وير رکي، نانگ ڪتان ٻڇي ڇتندو! "نانگ! نه ويڙدين نڪري، تو ڏر مٿي پير، هِي لئين جو ڏير، جن جهوناڳڙه جلائيو."

•

"سر ڪارايل"- هن سر لي مضمون مطابق نالو رکيو ويو آهي، اُن ۾ ڪارايل (مور يا هنج) جو ذڪر آهي. دنيا جي فضا کي "لڙ" سڏيو ويو آهي ۽ مڪار اِنسانن کي ٻگهن ۽ ڪانيرن سان مشابهت ڏني وئي آهي. عارف، هنجن مثل آهن:

"هنجن سين هيڪار، جي ڳڻ ڪري نهارئين،
ٻگهن سين ٻيهار، ٻيلهه نه ٻڌ ين ڪڏهين."

## سر پرڀاتي - داستان پهرئين جو سار

مڱڻهارن جو اِهو ڪم ناهي، جو سونهاري صبح سان ويڙ وجهي، ڪينرو ڪلهيءَ ۾ ٽنگي ڇڏين. چارڻ اُهي ڇڄن، جي ڪينرو ڪلهي تي ڪري، رڻ جي راه ڀڃن. اي مڱڻهار! (اِنسان!) ڪنهن ڏينهن تون فنا ٿي ويندين ۽ تنهنجو ساز پٽ ۾ پيو هوندو. ڌڻي ڏڏن کي اِئين ئي نوازي، جئن لس ٻيلي جي حاڪم سپڙ سخيءَ هڪ اُجاڻ مڱڻهار کي نوازيو هو. ڏڏن کي هو اهو ڪجهه ۾ ئو ڏئي، جو حاذق ۽ حيران ٿيو وڃن. بدو لوه آهي ۽ صاحب پارس. پارس، لوه کي ڇهي ته لوه سون ٿي پوي. ڌڻي ۽ ڪنهن نالائق کي نوازي ته هو ٻي ٻها بالم ٿي پوي. ڏاتار، هڪ سائين ئي آهي:

”ڏاتار ته تون، ٻيا مڙئي مڱڻا.“

مڱجي اُنهيءَ ڏاتار کان، جو ڏهاڙي ئو ڏئي ۽ ٻيا مڙيئي در دنيا جا ڪوڙا آهن.

•

”سر پرڀاتي“- ”پرڀاتي“ هڪ هندستاني راڳڻيءَ جو نالو آهي، جا صبح جو ڳائبي آهي. هن سر ۾ اِنسان کي مڱڻهار جو روپ ڏنو ويو آهي ۽ ڌڻيءَ کي سپڙ سخيءَ جو. اَسر جي وقت ڌڻيءَ جي اُستتي لازم آهي. اِنسان کي گهرجي ته پره ڦٽيءَ جو اُٿي، پنهنجو سان، حاڪمن جي حاڪم اڳيان وڃائي:

”اُڀريو تارو، اُٿي ور وهاڳ، ڏي.“

Gul Hayat Institute

## سر ڏهر ـ داستان چوٿين جو سار

ڪونجڙين رات جو رائي ۾ ”راماڻا“ ڪيا آهن. شال ماري ڦنا ٿي وڃي، جو هنن پريمين کي اچي ٿو وڇوڙي. هيئر ڪاڇي ۾ سنگهارن جو نشان به نه ٿو ڏسجي. نه سندن جهوڪون ٿيون پسجن، نه سندن جهٽڪون ٿيون ٻڌجن. هو ”اني“ جي سانگي، ٻئي ڪنهن پاسي بري ويا آهن. لاڪي ۾ سندس لوڙائن، جاڙيجن ۾ ڏهڪاءُ وجهي ڇڏيو آهي. پيچ ۾ پاڄڙ اچي پيٺي آهي. ڪڇ ۾ هيئر ڪير رهندو! لاکو اهو لوڙائو آهي:

”جنهن جو جاڙيجن، سٽي سنڀو نه لهي.“

ريبارن جا ويڙهائي سڀا ڪري وڌا اٿس. هو غريب پرور به آهي. اوڏن جو ننگ رکندڙ آهي. هو سندرين جي سٽ جو به رکپال آهي. شاه صاحب لاکي ڦلاڻيءَ جي سيرت جا ٻئي پهلو پيش ڪيا آهن.

•

”سر ڏهر“ ـ ٿر ۾ ڪيترائي ڏهر (ڏاڍيءَ مٽيءَ وارا سڌا ميدان) آهن. ڪي صاحب ڏهر جي معنيٰ ”ٻن پٽن جي وچ ماڳ“ ڪن ٿا. هن سر ۾ اهو نالو انهيءَ ڪري رکيو ويو آهي، جو ان ۾ سمايل خيال شاه صاحب کي هڪ ڏهر مان لنگهندي آيا آهن. اڳي جڏهن ٿر مان درياه وهندو هو، تڏهن سندس ڪيڏو نه اوج هوا هيئر اُلي ريگستان آهي. دنيوي اوج ٿي بقاءُ ناهي.

لُڏي ڪينَ[1]، لَطيفُ چئي، اَڳيان لالُ[2] لَکَنِ[3]،
جِتِ ڪوڙين ڪينَ ڪُڇَنِ، اُتِ پاڻوهي[4] پَڌرو.

جو چَلِيوُن[5] پَسي نہ چَڪيو[6]، تَنهن واڪاڻيو وِکَ،
لُڏي ڪينَ[7]، لَطيفُ چئي، لَکَنِ اَڳيان لِکَ،
پيرُ نہ موڙي پاڻهنجو، لِکيءَ پَنجي لِکَ،
سَرَڻِين ڏئي سِکَ[8]، هَڪَلَ سين هالارُ[9] ڏَڪِي.

٩

تَڙِ تَڙِ[10] ڪيمَ تَرسَنِ[11]، سَرُ[12] نِهارج سَيَرو[13]
ڏيندُءَ لَکَ، لَطيفُ چئي، راڄَ راهوَءَ[14] جي رَسُ[15]،
وِلَها[16] جَنهن وَنِهيا ڪَيا[17]، پاڳَ[18]، تَنهنجي پَسُ،
ڪوڙين لاهي ڪَسُ[19]، جي ڳالهائي ڳاٽُ ڪَٽي.

١٠

آروڙجي[20] اِليو، ديهِنِ[21] وڏائين ڏُکَ،
لاتائين لَطيفُ چئي، عالَمَ[22] تان اَهَکَ[23]،
لَن سَرَڻِين ليا سُکَ، جي اَجهي[24] آئيوُن اَڙي.

١١

آروڙجي اِليو، ديهنِ وڏائين ڏانهَن،
پاڻوهيو پيرَ ڪَٽي، سَمو سَرَڻِين ڏانهَن،
مَتان مَتي پاڻهَن، اُيو[25] آڇي سُلطانَ کي.

١٢

عَلاؤالدّينُ آئيو، تَنهنجي هائيءَ هاڪَ هَنئي،
آرڻِ[26] بَڌي اَڙي، ٿي رِڻَ[27] ۾ رُکَ[28] رَکي،
ليغين[29] ٽاءِ[30] لِکو گهٽو، سَگهي ڪونَ سَهي،
"رَبِّ هَبْ لِيْ اُمَّتِيْ"[31]، چَڙهيو جامُ چئي،
سَمي سامَ ڪَنئي، سَرَڻِين جو سُکَ ٿيو.

*١٣

عَلاؤالدّينُ آئيو، ڪَٽي[32] ڇَلِ[33] ڇيڪيرُ،
ڪَنهين ڪينَ هِمَتيون[34]، ڪانَ[35] جهَليندو ڪيرُ؟
سوُمِرِين[36] سامَ ڪَنئي، اَڙي ڪيو اُٺَ پيرُ[37]،
هو مُهانئين ميرُ[38]، پر مَستوُرانِ[39] مارِيو[40].

---

١- نہ گهٻرائجي ٢- سخي محبوب ٣- لکين سوالين ۴- مرڪي ٥- ماڻهن جا لشڪر ٦- دهليو
٧- ڏرماڻو ٨- سکيا، آئت ٩- هالار جبل جو سردار جادم جکرو ١٠- هرهڪ ٽڙ لي ١١- واجهاءِ
اُڃ متاءِ ١٢- چشمو ١٣- ڀرپور ١۴- راهوءَ جي راڄ ۾ ١٥- وڃي پهچ ١٦- مسڪين ١٧- شاهوڪار
١٨- پڳ، تاج ١٩- دل جو غبار ٢٠- جوش ۾ اُچي ٢١- لشڪرن ٢٢- ساري جهان تان ٢٣- اَهنج
٢۴- اَڙي سردار ٢٥- مدد ٢٦- سندان (هٿي ڀال) ٢٧- جنگ جي ميدان ٢٨- رک (ترار)
جو ٽڪلو ٢٩- ترارين ٣٠- ليهج ٣١- "اي منهنجا رب! مونکي پنهنجي اُمت ڏي" (حديث)
٣٢- لشڪر ٣٣- چٽ ڀريندڙ ٣۴- همت ڪئي ٣٥- ٻاڻ، تير ٣٦- سومرين جي لڄ ڪنئي
٣٧- اٺ تي سوار ٿيو ٣٨- بهادر ٣٩- سردار ۴٠- سَتر وارين (زالن).
*هن بيت ۾ اشارو دودي جي بهادريءَ ۽ ننگ پروريءَ ڏانهن تو ڏسجي. (ڏسو سار)

## سر بلاول - داستان چوٿين جو سار

هي داستان، شاه جي مذاقي شعر جو نمونو آهي. وڳڻ، جسم جو جلو ۽ ٻيٽ جو ٻوڇاري هو. شايد ميراڻ سان ٻه ڪا خاص محبت هئس. اَفعال پيارن جهڙا هئس، ۽ جوڻس ٻه ڪا منجهانئس اُهڙي ٻيزار هئي، جو "محڪم موچڙن" سان سندس مرحبا ڪندي هئي. شاه صاحب، هن فقير کي گهڻن ئي لقبن سان ياد فرمايو آهي: جهڙوڪ "ٻڏوءِ نمارُ"، "گندو"، "ٻڏوسين ٻڏوءِ"، "نسورونئي نوڳ"، "ڪلات"، "پيٽر"، "روڳي"، "ٻانڊو"، "ڪنو ۽ ڪوجهو"، "آلوڌ و آزار سين". اُسر جوئي ڪاڏي جي لوڙ اَچي ورائيندي هئس. جوءِ وٺان جتا ڪاني، اَچي شاه صاحب جا پير پڪڙيندو هو. شاه صاحب عطار مثل هو ۽ سندس صحبت سرڳ مثل. "سيد جو سرڳ" گندن کي گلابي ڪندڙ هو.

•

"سر بلاول"- هندستان جي ڳائڻ وديا موجب، بلاول، رامڪليءَ وانگر، هنڊول راڳ جي پڇڙن استرين مان هڪ جو نالو آهي. ٻئي راڳڻيون ڏک ڪنيندڙ ۽ اُستتي اُچارڻ لاءِ موزون آهن. هن سر ۾ ڏٺيءَ، پيغمبر صاحب ۽ جادم جکري جي واڪاڻ اُچاريل آهي. هن سر ۾ "جادم" تمثيل طور به آيل آهي. ڪٿي مراد اُنس ڏٺي، ڪٿي نبي سڳورو.

---

پورو ٿيو

Gul Hayat Institute

